ڊاڪٽر الهوسايو سومرو

# شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ۾ حُبِ رسول ﷺ


***Abstract:***

**The Love of Prophet ﷺ in the Poetry of Shah Abdul Latif Bhitai**

*Shah Abdul Latif Bhitai, the well-known poet of Sindh, has shown his deep love with the Prophet Muhammad ﷺ through his poetry. At several places throughput his poetry this image of love can be seen. Latif has described that the Hazart Muhammad ﷺ is the reason for creation of this universe and he is the nearest to Almighty Allah and Allah Rab-ul-Almin sent him in this world as the Leader of Prophets and Rahmat-ulil-Aalmin. Before his appearance this world was drowned in ignorance, and it was through his message and teachings that mankind became civilized. Through this paper the love of Shah Latif for his beloved Prophet is expressed in order to understand his believes, devotion and good deeds.*


**حضرت** شاهه عبداللطيف ڀٽائي، سنڌي شاعريءَ جو سرتاج شاعر آهي، جنهن پنهنجي شاعريءَ ذريعي حق، سچ، امن، محبت، ڀائيچاري ۽ محنت ، جدوجهد، صبر برداشت ۽ وطن دوستيءَ جو سبق ڏنو آهي. هنن مقصدن خاطر شاهه صاحب مختلف تاريخي ۽ نيم تاريخي رومانوي داستانن مان تمثيلي مدد ورتي آهي، هنن مختلف سُرن ۽ بيتن اندر پنهنجي مخفي ۽ مبهم راز کي بہ تمثيل جي انداز ۾ بيان ڪيو آهي، شاهه لطيف کي پنهنجي وطن جي هر شيءِ سان پيار آهي، جتي وڻ ٽڻ، فصل، ٻوٽن، ٽربَر، ڪوهه، جبل، پکي پکڻ، جانور وغيره کي پنهنجي شاعريءَ اندر بيان ڪيو اٿس، اُتي پنهنجي عقيدي، محبت ۽ محبوب جو بہ ذڪر ڪيو اٿس، هن جي محبوب جهڙو ٻيو ڪو بہ محبوب ڪونهي، سندس مَٽ ۽ ثاني بہ ڪو نہ ٿو ملي، سندس محبوب معراج جو رتبو ماڻيو ٿو ۽ اهو درجو ٻيو ڪنهن کي بہ ڪو نہ مليو آهي، شاهه صاحب پنهنجي شاعريءَ اندر جنهن هستيءَ سان وڏ ڪان وڏ پنهنجي عقيدت ۽ محبت جو اظهار ڪيو آهي، سا آهي باعثِ تخليق ڪائنات، فخر موجودات، محبوب رب العالمين ۽ رحمت اللعالمين حضور پُرنور، حضرت محمد مصطفيٰ احمد مجتبيٰ ﷺ.





شاهه صاحب پنهنجي هن محبت جو اظهار مختلف سُرن ۾ مختلف موضوعن سان ڪيو آهي. هونئن بہ الله پاڪ ۽ سندس نبي ڪريم ﷺ جي محبت ايمان جي نشاني آهي، جيسيتائين من ۾ حُب رسول نہ آهي، تيسيتائين ڪامل مسلمان ٿي نہ ٿو سگهجي. قرآن مجيد ۾ مختلف آيتن ۾ ۽ حديثن ۾ ان جو ذڪر هن ريت ملي ٿو. جهڙوڪ:

”قُلۡ إِن كُنتُمۡ تُحِبُّونَ ٱللَّهَ فَٱتَّبِعُونِي يُحۡبِبۡكُمُ ٱللَّهُ. (سورة آل عمران آيت ٣١)

ترجمو: (اي پيغمبر) چئو تہ جي اوهين الله کي دوست رکندا آهيو تہ منهنجي تابعداري ڪريو تہ الله اوهان کي دوست رکندو.“ (مولانا تاج محمود امروٽي)

هن آيت سڳوريءَ مان معلوم ٿئي ٿو تہ الله سان محبت جو شرط اهو آهي تہ سندس پياري حبيب ﷺ سان محبت ڪئي وڃي. حضور ڪريم ﷺ سان محبت ڪرڻ ۽ سندس راضپو حاصل ڪرڻ سان الله راضي ۽ خوش ٿئي ٿو، اِهو ئي سبب آهي جو اولياء ڪرام ۽ صوفياء عظام وٽ پاڪ پيغمبر ﷺ لاءِ بيحد عقيدت احترام، محبت ۽ جانثاريءَ جو جذبو عملي طور تي گهڻو ملي ٿو. قرآن مجيد ۾ ساڳئي مضمون جي باري ۾ ٻين ڪيترن ئي سورتن ۽ آيتن ۾ ذڪر ملي ٿو. قرآن مجيد ۾ هڪ ٻئي هنڌ هن طرح آهي تہ :

مَا كَانَ لِأَهۡلِ ٱلۡمَدِينَةِ وَمَنۡ حَوۡلَهُم مِّنَ ٱلۡأَعۡرَابِ أَن يَتَخَلَّفُواْ عَن رَّسُولِ ٱللَّهِ وَلَا يَرۡغَبُواْ بِأَنفُسِهِمۡ عَن نَّفۡسِهِۦ (سورة التوبه آيت ١٢٠)

ترجمو: ”مديني وارن ۽ سندس آس پاس وارن ٻدوين کي نڪي الله جي پيغمبر کان (جهاد ۾) پوءِ تي رهڻ ۽ نڪي سندس وجود (محمد ﷺ) کان پاڻ کي پيارو رکڻ جڳائي.“ (مولانا تاج محمود امروٽي)

هن آيت سڳوريءَ جي روشنيءَ ۾ هي واضح آهي تہ، حضور ڪريم ﷺ سان پنهنجي جسم ۽ جان کان وڌ محبت ڪئي وڃي ۽ پنهنجي جسم و جان کي پاڻ ڪريم ﷺ جي مٿان قربان ڪيو وڃي. هي آيت سڳوري ڪنهن جهاد جي پسمنظر ۾ نازل ٿيل آهي ۽ هن محاذ تي تلوارن جا وارن مٿان وارَ هوندا آهن ، اهڙي جهاد واري محاذ تي جِتي پنهنجي جان کي بہ ختم ٿيڻ جو خدشو واقع هوندو آهي، اُتي بہ ۽ اهڙيءَ صورتحال ۾ بہ ، پنهنجي جان کان وڌ حضور ڪريم ﷺ جي ذات بابرڪات سان محبت



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

۽ جان نثاريءَ جو عملي نمونو پيش ڪرڻ جو حڪم هو. ساڳئي عنوان سان ڪيتريون ئي حديثون ملن ٿيون. حديث قدسيءَ ۾ الله پاڪ جو فرمان آهي ته :

جَمَلۡتُ تَمَامَ الۡاِيۡمَانِ بِذِكۡرِكَ مَعِيَ وَقَالَ اَيۡضاً جَمَلۡتُكَ ذِكۡراً مِّنۡ ذِكۡرِيَ فَمَنۡ ذَكَرَكَ ذَكَرَنِيۡ.

ترجمو : ”مان (الله) ايمان جو مڪمل ٿيڻ هن ڳالهه تي موقوف ڪيو آهي، جو (اي محبوب) منهنجي ذڪر سان تنهنجو ذڪر به هجي. ۽ مان پنهنجي ذڪر ڪي تنهنجو ٻڌايو آهي، پوءِ جنهن تنهنجو ذڪر ڪيو، چڻ اُن منهنجو ذڪر ڪيو.“(عثماني، تفسير المظهري، جلد 7، ص: 435)

ٻئي هنڌ فتح الڪبير جلد ٢ ۽ صفحي نمبر ٢٠ ۾ آهي ته ، حضور ڪريم ﷺ جن فرمايو:

”ذِكۡرُ الۡاَنۡبِيَاءِ مِنَ الۡعِبَادَةِ وَذِكۡرُ الصَّالِحِيۡنَ كَفَّارَةٌ

ترجمو: انبياء جو ذڪر ڪرڻ عبادت آهي ۽ صالحن جو ذڪر ڪرڻ ڪفارو آهي.“(فتح الڪبير، جلد ٢، ص:٢٠)

مٿين حديثن جي روشنيءَ ۾ هيءَ ڳالهه چڱيءَ طرح واضح آهي ته حضور پاڪ ﷺ جن جو ذڪر، عبادت جي فضيلت رکي ٿو ۽ سندس ذڪر ڪرڻ سان الله پاڪ خوش ٿئي ٿو، نه رڳو ايترو پر پاڪ پيغمبر ﷺ جي محبت ايمان جو جزو آهي، ماڻهو جيڏي به عبادت ڪري، پر جيڪڏهن ڪيس حضور ﷺ سان محبت نه آهي ته سندس ايمان به اڻپورو آهي ، اهو ئي سبب آهي جو صحابه اڪرام ، اولياء ۽ صوفيا اڪرام توڙي سلف و صالحين جون سوانح عمريون حضور نبي ڪريم ﷺ جي محبت سان پريل آهن. مشڪوات شريف ۾ هڪ هنڌ هيءَ حديث شريف آهي ته حضور نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو :

”لَا يُؤۡمِنُ اَحَدُكُمۡ حَتّٰى اَكُوۡنَ اَحَبَّ اِلَيۡهِ مِنۡ وَالِدِهٖ وَوَلَدِهٖ وَالنَّاسِ اَجۡمَعِيۡنَ.

ترجمو: توهان مان ڪو به ماڻهو ايستائين مومن نه ٿو ٿي سگهي، جيستائين اهو پنهنجي والدين، اولاد ۽ تمام ماڻهن ڪان وڌ مون سان محبت نه رکي.“ (مشڪوات شريف، ص: ١٢)

مطلب ته دنيا جي هر عزيز قريب ۽ ويجهي رشتي ماءُ، پيءُ، پٽ، ڌيءُ وغيره





ڪان وڌيڪ حضور ﷺ سان محبت ڪرڻ سان ايمان ڪامل ٿئي ٿو.

پاڻ ڪريم ﷺ جي ذات بابرڪات سراپا نور ۽ راهه هدايت آهي، انسانيت جا اعليٰ اوصاف ساڻن محبت ڪرڻ سان سکي سگهجن ٿا. ڪامياب زندگي دنيا توڙي آخرت جو راز سندن سيرتِ طيّبه جو مطالعو ڪرڻ سان معلوم ٿي سگهي ٿو.

شاهه صاحب جو سُر ڪلياڻ ۽ سُر يمن ڪلياڻ ۾ الله پاڪ جي وحدانيت ڪي بيان ڪرڻ سان گڏوگڏ رسول پاڪ ﷺ جي رسالت ڪي بيان ڪيو ويو آهي، توحيد ۽ رسالت ڪلمه طيّبه جا به جُز آهن ۽ لازم ملزوم آهن. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکي ٿو:

”موحد لاءِ ضروري آهي ته محمد ﷺ کي مڃي ڇا ڪاڻ جو آخري پيغمبر طور حضرت محمّد ﷺ انسان ذات جي وحدت ۽ ڪاميابي لاءِ وڌيڪ سنئين راهه طرف رهنمائي ڪئي، جيڪي موحد انهيءَ سنئين راهه سان هليا، سي وڌيڪ سدا سولا منزل مقصود تي پهتا ۽ اَوتڙ ڪنهن نه اوليا.“[١]

سُر ڪلياڻ ۾ پهريون بيت حمديه آهي، جڏهن ته ٻيو بيت نعتيه آهي، جنهن ۾ شاهه صاحب بيان ڪيو آهي ته جڏهن ڪائنات تخليق ٿي ته الله پاڪ پنهنجي خاص ٻانهي کي هن دنيا تي رحمت اللعالمين بڻائي موڪليو ۽ هيءَ هَستي الله پاڪ جي محبوب هَستي آهي.

جوڙي جوڙَ جَهانَ جِي، جڏهن جوڙيائِين،
خاوَندُ خاص خَلِقِي مُحَمّدُ مُڪائِين،
ڪَلمو تنهن ڪَرِيمَ تي چِتو چايائِين،
اَنَا مولاڪَ وَ اَنتَ مَحبُوبِي، اِيئَن اُتائِين،
ڏِڪِي ڏِنائِين، ٻِئِي سرائون سَيّدُ چِي.
(سُر ڪلياڻ، داستان پهريون، بيت ٢، ص: ٦٥)

خالق ۽ مخلوق جي ناتي حضرت محمد ﷺ جو مقام انتهائي ڪماليت جي درجي وارو آهي ۽ اهڙو مقام ۽ مرتبو ٻيو ڪنهن کي به حاصل نه آهي، هيءُ راز وارو سلوڪ عام ماڻهن کي سمجهه ۾ ناهي اچڻو ۽ ڪامل عارف ئي هن راز ۽ انداز کي بهتر نموني سمجهي سگهي ٿو. شاهه صاحب جي چواڻي، حضرت محمد ﷺ کي نه ’عاشق‘ چئبو نه ’معشوق‘ ۽ نڪي ’خالق‘ چئبو ۽ نه ئي ’مخلوق‘، ڇاڪاڻ جو حقيقت محمدي ﷺ اجا گهڻو اڳتي آهي. شاهه صاحب فرمائي ٿو:



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

عاشقُ چؤ مَ اُن کي، مَ ڪِي چؤ معشوقُ،
خالقُ چؤُ مَ خامَ تون، نہ ڪِي چؤُ مخلوقُ،
سَلِڄ تَنهين سُلوڪُ، جو ناقِصئان نِڳيو.

(سُر ڪلياڻ، داستان پهريون، بيت ١٧، ص:٦٩)

وحدت جي واديءَ گهمڻ لاءِ سالڪ کي رسالت جي رهنمائي وٺڻي ٿي پئي، مطلب تہ وحدت تائين پهچڻ لاءِ رسالت اهم جُز آهي، ان جُز کان سواءِ ڪو مسلمان ٿي نہ ٿو سگهي. اُن ڪري هر سالڪ کي رسالت مان مدد وٺڻي ٿي پئي.

وَحدَهُ جي وِڃيا، اِلا الله اَڏَ ڪيا،
محمد رَسولُ ڇئي، مُسلمانَ ٿِيا،
عاشقَ عبداللطيف چي، اِنهيءَ پَهہ پِيا،
تيلانهن ڏٽي ڏُٺا، جيلانهن وِيا وَحدتَ ڳڏجي.

(سُر ڪلياڻ، داستان پهريون، بيت ١١، ص: ٦٨)

الله تبارڪ وتعاليٰ پنهنجي محبوب سان الفت ۽ محبت جو اظهار تمام سهڻي نموني ڪيو آهي، جهڙوڪ: 'الله' جي اِسم ۽ 'محمد' جي اِسم ۾ نقطا ڪونہ آهن. الله رب العالمين آهي تہ حضرت محمد ﷺ رحمت اللعالمين آهي. اِها مام ۽ رمز پيري ڳالهہ شاهہ لطيف هِن طرح بيان ڪئي آهي:

اَحد، اَحمَدُ پاڻَ ۾، وِچان مِيمُ فَرَقُ،
آهي مُستَغرَقَ، عالَمُ اِنهيءَ ڳالهہ ۾.

(سُر يمن ڪلياڻ، داستان پنجون، بيت ٢٠، ص:١١٤)

"جيئن لفظن جي صورت ۾ 'احد' ۽ 'احمد' ۾ فقط 'م' جو فرق آهي، تيئن 'احمد' ۽ 'احد' جي حقيقت ۾ بہ فقط ايتري ئي وٿي آهي."(٢)

چنڊ ۽ چانڊوڪيءَ جو ذڪر شاهہ صاحب سُر ڪنيات ۾ ڪيو آهي، جنهن ۾ شاهہ صاحب چنڊ کي پنهنجي محبوب سان ڀيٽا ڏئي ثابت ڪرڻ ٿو چاهي تہ سندس محبوب چنڊ کان وڌيڪ چمڪندڙ ۽ مُنور آهي، چنڊ تہ پنهنجي رات جي چانڊوڪيءَ جي ڪري گهڻو پانيو وڃي ٿو ۽ چانڊوڪي راتين جو تعداد بہ محدود هوندو آهي، ڪڏهن تہ چنڊ جي چانڊوڪي ڪَڪرن ۽ بادل آڏو بيوس ٿي پوندي آهي، پر لطيف جو





محبوب هميشہ سوجهرو ئي سوجهرو آهي، ڪيس چانڊوڪيءَ جي راتين جيتري تعداد (٨٤) جي گهُرج ڪونهي، ڪَڪر ۽ بادل سندس آڏو بيوس آهن، سندس سوجهرو هميشہ رهيو آهي:

سَهسين سِڄَن اُڀِري، چوراسِي چَندَن،
بِاللهِ، ري پِريَن، سَڀَ اُونداهِي پانئيان.

(سُر ڪنيات، داستان پهريون، بيت ١٢، ص: ١٣٣)

شاهہ صاحب، سيرت طيّبہ کان تمام گهڻو واقف آهي، وٽس گهڻو مطالعو آهي، مطالعي جي آڌار تي ۽ قرآن شريف جي روشنيءَ ۾ هن ڪجهہ حقيقي واقعن جو پنهنجي شاعريءَ ۾ ذڪر ڪيو آهي. جيئن آڱر جي اِشاري سان چنڊ جو ٻہ اڌ ٿيڻ، لڙيل سِجُ جو واپس اچڻ، نَنڍپڻ ۾ هندوري / پينگهي ۾ آسمان جي تارن سان پنهنجي آڱرن سان ڪيڏڻ وغيره. شاهہ صاحب فرمائي ٿو :

ڪَٽِي نَيڻَ خُمارَ مان، جانُ ڪِيائون نازُ نَظَرُ،
سُورِجُ شاخُون جَهڪِيُون، ڪُوماڻو قَمَرُ،
تارا ڪَتِيُون تائِبَ ٿِيا، ديکِيندي دِلبَرُ،
جَهڪو ٿِيو جَوهَرُ، جانِبَ جي جَمالَ سين.

(سُر ڪنيات، داستان پهريون، بيت ١٨، ص ١٣٥)

شاهہ صاحب پنهنجي ڪلام ۾ ڪٿي ڪٿي 'احد' ۽ 'احمد' جي وچ واري فاصلي جي راز کي کولڻ ٿو چاهي، جهڙي طرح 'خالق' ۽ 'مخلوق' ۽ 'عاشق' ۽ 'معشوق' جي وچئين وٿيءَ کي بيان ڪيو اٿس، ائين سُر سُورٺ ۾ هن راز کي نراور ڪري ٿو، ۽ چوي ٿو تہ :

نِرتِي تَندُ نِيازَ سِين، بُرائِي بِيجَلَ،
راجا رَتولِنَ ۾، اوناڻي اَمُلَ،
رازُ ڪِيائين راءَ سين، ڪنهن موچارِيَ مَهَلَ،
اَنَا اَحمَدُ بِلاَمِيمِ، سَينَ هَنئي سائِلَ،
ڪنهن ڪنهن پيئِي ڪَلَ، تہ هر دوئِي هيڪُ ٿِيا.

(سُر سورٺ، داستان ٻيو، بيت ٤، ص: ٦٤٤)

دنيا جي تاريخ ۾ ڪربلا جو واقعو انتهائي پُر سوز ۽ دردناڪ آهي، ان جو



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ذڪر شاهه صاحب پنهنجي ڪلام 'سُر ڪيڏاري' ۾ بيان ڪيو آهي، هن سُر ۾ شاهه صاحب امامن سڳورن، اهلبيت ۽ سندس جانثارن جو ذڪر ڪري ٿو، ساڳئي سُر ۾ شاهه صاحب مديني جي مير جوبہ ذڪر ڪري ٿو ۽ هِتي هُو ڪائنڻ التجا ٿو ڪري تہ اهڙن عظيم شهيدن ۽ نبي ڪريم ﷺ جي ڏوهٽن جي زيارت ڪيس نصيب ٿئي :

مُحَرمُ مُوٽِي آئِيو، آئِيا تان نہَ اِمامَ،
مَدِيني جا ڄامَ، مولا! مُون ڪي ميڙِيين،
(سُر ڪيڏارو، داستان پهريون، بيت ٣، ص: ٦٦٠)

مُحــــــرمُ موٽِي آئِيو، موٽِيا تان نہَ اَمِيرَ،
مَـــــدِيني جا مِيرَ، ڏاتَرَ! مُون ڏيکارِيين!
(سُر ڪيڏارو، داستان پهريون، بيت ٤، ص: ٦٦٠)

شاهه صاحب سُر سارنگ ۾ مينهن ڪِنوڻ، گجگوڙ، مختلف ماڳن مختلف جانورن ۽ وَلين ۽ ٿَر جي خوشحاليءَ جو ذڪر ٿو ڪري، اهڙي طرح هن سُر ۾ بہ مديني جي مِير سان مِهر جي مينهن جو ذڪر ٿو ڪري:

اَڄُ پُـــــڻِ اُترَ پارَ ڏي، ڪَڪَرَ ٿو ڪَري،
روضي پاڪَ رَسُولَ جي، پَلٽيو پَٽ پري،
وِڄـــــن ساڻ وري، تہ سَنگهارن سُک ٿئي.
(سُر سارنگ، داستان پهريون، بيت ١٣، ص: ٦٨٦)

روضي تان رَسُولَ جي، ڪِيو وِڄڙِيُن وارو،
پَـرِيائُون پيرَ پَئِي، نَظـــرَ سين نارو،
هــادِي ! پَرُ حُـــــڪمَ سين، هِيءُ تَڙ تاسِيارو،
نِرمَلُ نِظارو، پِيُ پَسايو پانهنجو.
(سُر سارنگ، داستان پهريون، بيت ١٦ ، ص: ٦٨٧)

شاهه صاحب، اسلامي شريعت موجب قيامت ۽ آخرت، حشر ۽ حساب جو بہ ذڪر بہ سُر سارنگ ۾ ڏنل وائيءَ ۾ ڪيو آهي ۽ ان جو مَنظر بہ پيش ڪيو اٿس تہ ان نفسانفسي واري مهل هر ڪو هڪٻئي کان بيزار هوندو، هر ڪنهن کي پنهنجي لڳل هوندي، هر ڪوئي گُناهه معاف ڪرائڻ جي ڪوشش ۾ رُڌل هوندو، پر اهڙي ويل ڪو بہ ڪنهن جي مَدد ڪرڻ لاءِ تيار نہ هوندو، اهڙي ويل ۾ شاهه صاحب، شفيع المذنبين ۾





اُميد ٿو رکي تہ اهو ئي سندس واهُر ڪندو، سر سجدي ۾ رکي پنهنجي اُمت (مسلمانن) جي بخشش گهرندو.

منهنجي سَيّدُ سارَ لَهندو، مون کي آهِ اميدَ اللّٰهَ ۾،
سَجِدي پَئِي سپرينءَ، زارِي زورِ ڪَندو،
مون کي آهِ اُميدَ اَللّٰهُ ۾.
اُمَتَ ڪارَڻِ احمَدُ اُتِ، پَرمَلُ پاڪُ پـنَندو،
مون کي آهِ اُميدَ اَللّٰهُ ۾.
ميڙو ٿيندو مومِنين، اُتِ مُحّمدُ مِيرُ مَلهيندو،
مون کي آهِ اُميدَ اَللّٰهُ ۾.
نَفسا نَفِسي سَيَڪو ڪَري، داتا دَرِ دوڙَندو،
مون کي آهِ اُميدَ اَللّٰهُ ۾.
مُهُتُ ڏِيندُس مَولو، اُتِ بَدِيُون بَخشائيندو،
مون کي آهِ اُميدَ اَللّٰهُ ۾.
(سُر سارنگ، داستان پهريون، وائي، ص: ٦٩١)

شاهه صاحب، حضور ڪريم ﷺ جو نعت خوان ٿو لڳي، پنهنجي رسول ڪريم ﷺ سان محبت ۽ عقيدت جو اظهار انتهائي سهڻن لفظن ۾ بيان ٿو ڪري، جنهن لاءِ هو قران مجيد ۽ حديث مبارڪ جو بہ سهارو ٿو وٺي، سندس سُونهن ۽ صورت، عادت ۽ خصلت، رحمت ۽ برڪت جو ذڪر بيان ڪيو اٿس، اهڙيءَ طرح هو سندس عشق ۾ اعليٰ درجي جو عاشق نظر ٿو اچي. سندس خوبصورت اکڙين جو ذڪر ٿو ڪري جنهن جي ڪَرم پريل نگاهه مٿان سمورو جهان موهت ٿي پَيو :

اِڪِيُون ميگهه ملهارَ، صُورَتَ تنهنجي سَڀُ جَڳُ موهِيو،
سَجِدو فِيلَ فِي الحالُ ڪِيو، پَسِي مُطّلِب ٿُورُ نـراڙَ،
ڄاپَڻَ وَقتِ ڄامَ جي، ڪِريا ڪُنگِرا ڪوٽ ڪُفّارَ،
صُورَتَ تنهنجي سَڀُ جَڳُ موهِيو.
آڳِي سَڀُ اُپَنِ جو، توکي ڪارِيو سِيرُ سِيرُ سَتارَ،
وَلَسَوْفَ يُعْطِيْكَ رَبُّكَ، توسين قادِرَ ڪِيا قرارَ،

صُورَتَ تنهنجي سَڀُ جَڳُ موهيو.
قـادِرَ پاڻ قَسَمَ ڪيا، خاڪ قَـدَمَن جا ڪَـلتارَ،
آهـِن ڪَـرَمَ ڪَـريمَ جا، اَحمَـدَ سـاڻُ اَپارَ،
صُورَتَ تنهنجي سَڀُ جَڳُ موهيو.

(سُر سارنگ، داستان ٽيون، وائي، ص:٦٩٧)

شاهہ صاحب چوي ٿو، حضرت ڪريم ﷺ جن جي ذات مبارڪ ازل کان هئي ۽ هو اهڙي هَستيءَ کان آخرت ۾ اَهنجي ويلي لاءِ سندن وسيلو ٿيڻ جي التجا ٿو ڪري ۽ ٻُڌائي ٿو تہ هن اُمت (مسلمان) جو اڳئين جهان ۾ حضور ڪريم ﷺ جن واهُر ۽ وسيلو آهي، جنهن جي مدد سان مُسلمانن جي بخشش ٿيندي:

وَتان وَڃُ مَ مُون، منهنجو تُونهين تُون، ڪونہ سُٽي ڪو ٻيو،
تُون تَڏهانڪُرَ مَنجهئِين، جَڏهن ڪُنَ فَيَڪُون،
وَتان وَڃُ مَ مُون.
اَهـڪِيءَ رَسِـج اَحَـمَدا، اَڳـِيان سـوڙهـي پـُونُ،
وَتان وَڃُ مَ مُون.
رَسج مُحَـمّدَ ڪـارِڻـي، جِـتي هُـونـگ نـہ هُـون،
وَتان وَڃُ مَ مُون.
آڳـهُ هـِنَ اُمَـتَ جـو، آهِـيـن تُـونـهـيـن تُـون،
وَتان وَڃُ مَ مُون.
ڏِج ڪا لَـتَ لَـطِيـفَ ڪي طَـهُـورَ مَـنجهان تُـون،
وَتان وَڃُ مَ مُون.

(سُر بروو سنڌي، داستان ٽيون، وائي ٢، ص:٧٤٧)

شاهہ صاحب، مديني جي مير سان پنهنجي الفت جو اظهار پنهنجي ڪلام جي اندر ظاهري نالن سان ۽ ڪٿي مخفي يا تمثيلي ڪردارن جي نالن سان گهڻو ڪيو آهي. راهہ سلوڪ جي پانڌيئڙن لاءِ وڏا روحاني راز ۽ رند سَمايل آهن، جنهن تي هلي، هو منزل تي پهچي عارف ڪامل بڻجي وڃن ٿا، اُن مقام تي پهچڻ کان پوءِ بہ هو مديني جي مير سان پنهنجو ناتو وڌي پُختگيءَ سان جوڙن ٿا ۽ ثابت قدم رهن ٿا، هِن مقام تي پهچي بہ وري اُهي سندس درجا سائل بڻيا رهن ٿا ۽ ڪين پَڪو ۽ پُختو يقين آهي تہ هي اُهو در





آهي، جنهن تان ڪو بہ سَوالي، خالي نہ وَريو آهي، جيڪا بہ اُميد مَن اندر سانديي ڪٽي وڃي ٿو سا پوري لهي ٿو. پر اولياء ڪرام ۽ صوفيا ڪرام وٽ دنياوي مال ۽ اسباب، مادي شيءِ سان ڪا بہ دلچسپي نہ هوندي آهي، سي صرف پنهنجي روحاني درجن ۽ انهن تي برقرار رهڻ ۽ ترقي ڪرڻ ۽ رسول ڪريم ﷺ سان پنهنجي عقيدت، محبت ۽ غلاميءَ واري نسبت قائم و دائم رکڻ جا سائل هوندا آهن.

مَدِيني جا ڏَٽِـي، سُـڻ مُنهنجا سَـڏَڙا،
تنهنجي آهِ تَٽِي، ٻِي ڪَنڌي سارِيان ڪا نَہ ڪا.

(سُر ڏهر، داستان پهريون، بيت ٢، ص: ٨٤٢)

مَدِيني جا گهوٽَ سُڻُ منهنجا سَڏڙا،
ڪِج مُحَمّدُ موٽَ، عاصِي تُنهنجي آسري.

(سُر ڏهر، داستان پهريون، بيت ٣، ص: ٨٤٢)

مَـــدِيني جا جامَ، سُڻُ مُنهنجا سَڏڙا،
آهِيان تـنهـنجي سامَ، سِگهو رَسِج سِيرَ ۾.

(سُر ڏهر: داستان پهريون، بيت نمبر ٦ ، ص، ٨٤٣)

شاهہ صاحب، نبي ڪريم ﷺ کي شفيع محشر تسليم ڪندي پنهنجو ۽ اُمتين جو حامي سڏي ٿو، جنهن جي امداد سا سيني گنهگارن جي بخشش ٿيندي ۽ معافي ملندي. شاهہ صاحب ٻنهي جهانن ۾ ڪين پنهنجو واهر ۽ وسيلو ٿو سمجهي ۽ ڪين ايتري بہ پڪ آهي تہ ڪيس نبي ڪريم ﷺ روز محشر ۾ پاڻ سڃاڻي ڪيس پاڻ سان گڏ وٺي ويندا.

هِت هُت حامِي هِنِ جو، اڳِيان آڏَرَ ڏِينـدو،
شَفِيعُ شافِعُ سُپِرين.
پاڻُ سُڃاڻِي پاڻِـهِين، ڪامِلَ ڪَرَمُ ڪرِينـدو،
شَفِيعُ شافِعُ سُپِرين.
داتا دوزخِـيَن تان، لِـڪو لـهرائيندو،
شَفِيعُ شافِعُ سُپِرين.
رَحـمَتُہٌ لِلعَالَمِينَ، اَهـُـڪِيءَ آ ڳهُ ٿيندو،
شَفِيعُ شافِعُ سُپِرين.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

اُتي عَبدُاللطِيفُ جو، هادِي هَــــــتُ جَهلِيندو،
شَفِيعُ شافِعُ سُپرِين.
(سُر بلاول : داستان چوٿون، وائي ص: ٩٠٩)

شاهه صاحب پنهنجي دنياوي ۽ آخرت جي زندگيءَ ۾ پاڪ پيغمبرﷺ سان محبت ۽ عقيدت جو رشتو برقرار رکڻ جا خواهشمند آهن. سندن حُسن ۽ مجاز جون ڳالهيون شاهه صاحب پنهنجي ڪلام ۾ بيان ڪيون آهن. سُر مومل راڻو هڪ رومانوي داستان ڪي بيان ٿو ڪري، پر هتي به شاهه صاحب پنهنجي دلي محبت ۽ عقيدت هن داستان مان تمثيل ذريعي بيان ڪئي آهي، هتي به پنهنجي راڻي ڪي ريجهائڻ لاءِ ڪوشش ڪندو نظر ٿو اچي، ڪيس پڪ آهي ته اِهو ئي راڻو سندس واهُر ڪندو ۽ ساٿ ڏيندو ۽ هن مقصد لاءِ هُو، ڪانئن التجا ٿو ڪري:

ڪَـــلِمي ساڻُ لَڏائِيپِن، هادِي! هِنَ هَنڌا،
مُومَلَ سَهِي پَسَندا.
سَهڪِي سڪرات ڪرين، والَي وير وداع،
مُومَلَ سَهِي پَسَندا.
اَهڪي وير اچيـــــج تون، اُتـــي احـــمدا،
مُومَلَ سَهِي پَسَندا.
(سُر مُومل راڻو، داستان ٻيو، وائي، ص: ٥٢٣)

هر نفس ڪي موت جو مَزو چکڻو آهي، هن زندگيءَ ڪي ڇڏڻو آهي ۽ آخرت جي زندگي جا وَڻ وسائڻا آهن، هر مؤمن جي اِها خواهش هوندي آهي ته سندس خاتمو ايمان تي ٿئي، اهڙي طرح شاهه صاحب به ساڳئي وائيءَ اندر پنهنجو خاتمو ايمان تي ٿيڻ جو چاهي ٿو ۽ دُعا ٿو گهري ته موت مهل زبان تي ڪلمو جاري ٿئي، اِها گهڙي ڏاڍي اوکي هوندي آهي، دفنائڻ بعد قبر جي عذاب جو خَدشو هوندو آهي ۽ اهڙي گهڙيءَ ۾ به شاهه صاحب، نبي ڪريمﷺ جي امداد جو سائل آهي. مطلب ته شاهه صاحب ڪي پاڻ ڪريمﷺ سان ايڏي ته محبت آهي، جو هو هَر پَل ۽ هر گهڙي سندس شان ۾، عقيدت، احترام ۽ حُب ۾ پنهنجي ڪلام ذريعي اظهار ڪندو رهي ٿو.

Shah Abdul Latif Bhitai Chair





## حوالا


١. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، ’شاهه عبداللطيف ڀٽائي مقالا ۽ مضمون‘ مرتب: مانجهي، محمد علي، ڊاڪٽر، سنڌ حڪومت، ثقافت کاتو، ٢٠١٢ع، ص: ٣٣٧.
٢. ساڳيو، ص: ٣٣٧.
٣. عثماني، قاضي محمد ثناءَ الله، حنفي، مظهري، نقشبندي، ’تفسيرالمظهري‘ جلد ٧، مڪتبه رشيديه، سرڪي روڊ، ڪوئٽا، ص:٤٣٥.
٤. مشڪوات شريف، ص:٢٠.
٥. شاهواڻي، غلام محمد، (مرتب)، ’شاهه جو رسالو‘، سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي، ٢٠٠٥ع.


(نوٽ: هن مقالي لاءِ غلام محمد شاهواڻيءَ جي ترتيب ڏنل ’شاهه جو رسالو‘ مان مدد ورتي وئي آهي.)

Shah Abdul Latif Bhitai Chair